ڊاڪٽر وِمي سدارنگاڻي

# سنڌي ٻولي ۽ نئين ٽهي

***Abstract***

**Sindhi Language and New Generation**

*This is the research paper on Sindhi language, its importance and response of New-Generation. It is an admitted fact that a language which is mother tongue is very dear to all from young to old and is the medium of understanding and learning in early Education of youngsters. Only those languages service which have support of state, As far as language of minority people is concerned, those are diminishing by slow degrees due to influx of science and technology specially in this age of computer.*

*In this paper a survey has been made about Sindhi language specially in India at a smaller scale and it has been proposed that such survey be conducted at bigger level. Further, it has been proposed that efforts be made to raise the level of language so that it should be brought on computer, Email-internet and print media along with cultural expansion so that such diminishing utility of Sindhi language.*

*Be enhanced and positive results be obtained in development of Sindhi language, Literature, Books, Newspapers and Musical renderings are further powerful sources through which a dying language can be put to life, but with constant efforts in through the sources as mentioned above.*

*Such effort is required at National level, the people and the state should support the cause of such languages .*

**دنيا** ۾ لڳ ڀڳ ست هزار ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون، جن ۾ 3500 کن تہ رڳو ڀارت ۾ ڳالهايون وينديون آهن. دنيا جي ڀاشائي (ٻوليائي) نقشي تان ڪيتريون ئي ٻوليون مٽجي رهيون آهن. ڀارت ۾ اُهي ٻوليون بہ خطري ۾ آهن، جن کي پنهنجو راڄُ آهي ۽ جيڪي سرڪاري ڪمن ڪارين جون ٻوليون آهن. اُتر هجي يا ڏکڻ ڀارت، اولهہ ڀارت هجي يا اوڀر ڀارت، سڀني هنڌان اِها ئي دانهن آهي تہ اسان جي ٻولي مَري



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

رهي آهي، اُن کي بچايو! اَهڙيءَ حالت ۾ سنڌي ٻوليءَ بابت ڇا چئجي، جنهن کي پنهنجي ڪائي رياست ناهي، جنهن کي ڳالهائڻ وارا ڀارت ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪُڙڇ ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، جن سان تاريخ ڇڙ جُٽ ڪئي آهي ۽ اُن جو نتيجو اهو نڪتو آهي ته ڊيري ڊيري اٽڃاٽائيءَ ۾، سنڌي پنهنجي پاڙُن کان ڪٽجي رهيا آهن. ڀارت ۾ سنڌي تهذيب جا اُهڃاڻ ڏنڌلا ٿيندا پيا وڃن ۽ اُنهن اُهڃاڻن مان هڪ اهم اُهڃاڻ، سنڌي ٻولي به خطري ۾ نظر اچي ٿي. سنڌي نئين ٿهي پنهنجي املهه ورثي کان لڳ ڀڳ بي خبر آهي ۽ ٻوليءَ سان اُن جو لڳاءُ گهٽيل ٿو ظاهر ٿئي. ان ڳالهه تي اسين سڀ ڳالهايون ٿا، فڪر ڪريون ٿا، ڪوشش به ڪريون ٿا، پر ڪو خاص نتيجو ڪونه ملي رهيو آهي. اسين چنتا ۽ فڪر سان گڏ افسوس ڏيکاري، ماٺ ٿي ٿا وڃون.

هن پيپر ۾ سنڌي ٻوليءَ طرف سنڌي نئين ٿهيءَ جو رُخ (Attitude) جاچڻ جي مقصد سان ڪيل سروي ۽ ان جي مليل نتيجي ذريعي اِهو ڏسڻ جي ڪوشش ڪيل آهي ته سنڌي نئين ٿهيءَ جو سنڌي سڃاڻپ ۽ سنڌي ٻوليءَ طرف ڪهڙو لاڙو آهي. اهو سروي هڪ 'سئمپل سروي' طور آديپور - گانڌيڌام (ڪڇ) جي ڪاليجن ۾ ڪيو ويو آهي، ان ڪري ان جون پنهنجون سيمائون (حدون) آهن. اهو سروي اڳتي وڏي پئماني تي ڪري سگهجي ٿو ۽ ان مان اهو ڄاڻڻ ۾ مدد ملي سگهي ٿي ته نئين ٿهيءَ جو رويو، سنڌي ٻوليءَ ڏانهن ڪهڙو آهي ۽ اسين اُنهن کي سنڌيءَ سان جوڙڻ لاءِ ڪهڙو رستو اَپنايون.

## 1. مادري زبان جي اهميت

اڄ دنيا جڏهن هڪ ڳوٺڙي ۾ تبديل پئي ٿيندي وڃي ۽ دنيا جون هزارين ٻوليون گُم پيون ٿينديون وڃن ته اهڙيءَ حالت ۾ ڇا مادري زبان جي ڪا اهميت آهي؟ ته ان جو جواب آهي 'ها'، ڪنهن به جاتيءَ ۾ ملڪ جي ڪُل واڌاري جو مدار اُن جي ٻوليءَ جي واڌاري سان به جڙيل آهي.

مادري زبان ڪنهن شخص ۽ جاتيءَ جي سوچ - ويچار جو واهڻ (وسيلو) آهي. ويچارَ ۽ ٻولي پاڻ ۾ ڳنڍيل آهن، ان ڪري ڪنهن به ڄاڻ ۽ گيان کي پرائڻ لاءِ مادري زبان جو ماڌيم (Medium) ڪارگر هوندو آهي. اِن ڪري ئي مادري زبان جو استعمال، ڳالهائڻ، تعليم ۽ سرڪاري ڪمن ڪارين ۾، ڪرڻ جي حمايت ڪئي ويندي آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مادري زبان جو گھٽجندڙ واھپو ڪنھن بہ جاتيءَ جي ’ڊي گريڊيشن‘ جي نشاني آھي، جو مادري زبان جي اھميت گھٽجي ٿي تہ اُن سان اُن جي ڳالھائيندڙن جو مانُ مرتبو بہ گھٽجي ٿو.

يونيسڪو جي 2003ع جي رپورٽ موجب دنيا جا 42 سيڪڙو ماڻھو ٿورائيءَ واري ٻوليءَ ڳالھائيندڙ آھن ۽ اھڙن ملڪن ۾ رھندا آھن، جتي ٻارن کي پنھنجي ٻوليءَ ۾ پڙھڻ جو وجھُ ڪونہ ملندو آھي. دنيا جون لڳ ڀڳ 1500 ٻوليون اھڙيون آھن، جن جي ڳالھائيندڙن جو انگ ھڪ ھزار کان بہ گھٽ آھي.

سڄي دنيا ۾ ٻولين کي بچائڻ جي مھم ھلي رھي آھي، ڇاڪاڻ تہ ھر ٻولي پنھنجو پاڻ ۾ نرالي آھي، ڌار تھذيب جو ورثو آھي، ھر ٻولي پنھنجو پاڻ ۾ ڌار ڌار ڌرم، سماج ۽ تھذيبي سڃاڻپ جو اظھار آھي. ھر ٻولي اُن جي ڳالھائيندڙن جي تاريخ ۽ زباني پرمپرا (روايت) جو خزانو آھي، جيڪو اُنھن کان سواءِ ڪنھن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ميسر ڪونہ ٿيندو جي اُھا ٻولي ختم ٿي ويندي تہ اُن سان گڏ لوڪ ڪھاڻيون، لوڪ گيت، لوڪ وھنوارَ، وشواس بہ ختم ٿي ويندا.

## 2. ڏيھان ڏيھي مادري زبان جو ڏينھن ۽ سنڌي ٻوليءَ جو ڏينھن

(International Mother tongue Day and Sindhi Language Day)

سال 1999ع کان يونيسڪو 21 فيبروريءَ جو ڏينھن، ”عالمي مادري زبان ڏينھن“ طور ملھائڻ جو اعلان ڪيو آھي ۽ ان ڏينھن تي دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ڌار ڌار پروگرام رٿيا ويا ۽ ھر سال اھو ڏينھن عالمي سطح تي ملھايو ويندو آھي.

10 اپريل 1967ع تي سنڌي ٻوليءَ کي ڀارت جي آئين جي ’ائين شيڊيول‘ ۾ شامل ڪيو ويو ھو. سنڌي اديبن ۽ عالمن جي وڏي جدوجھد کان پوءِ اھو ممڪن ٿي سگھيو ۽ ان ڪري اھو ڏينھن ’سنڌي ٻوليءَ جي ڏينھن‘ طور ملھايو ويندو آھي.

## 3. ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مادري زبان ۾ موجوده صورتحال

مادري زبان طور ڀارت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اڄوڪي حالت تي نظر وجھڻ کان اڳ ۾ گذريل دؤر تي ھڪ نظر وجھڻ بيجا نہ ٿيندو. صوفي سنتن جنھن کي اپنايو ۽ اعليٰ اديبن جنھن کي وڌايو ويجھايو، جنھن ٻوليءَ ۾ قرآن سڀ کان اول ترجمو ٿيو،

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جنهن جو ذڪر ’مهاڀارت‘ ۾ بہ ملي ٿو، جنهن جي ساراهہ انگريز ڀاشا وگيانين (Linguists) پڻ ڪئي، جنهن ۾ سنسڪرت سان گڏ فارسيءَ ۽ عربي ٻوليءَ جي لفظن جا ڀنڊار آهن. ڀارت جي ورهاڱي جي ڪري اُها ٻولي ۽ اُن ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ٽِڙي پکڙي ويا آهن ۽ هڪ ٻئي کان پري ٿي ويا آهن.

1947ع جي ورهاڱي کان پوءِ ڀارت ۾ لڏي آيل سنڌين لاءِ روزي روٽي ۽ اجهو وڏو مسئلو هو، پر اُن مسئلي سان گڏ پنهنجي ٻوليءَ ۽ تهذيب کي قائم رکڻ جي چنتا بہ جيئري رهي، ان ڪري ڪجهہ ئي وقت ۾ بمبئي، الهاسنگر، اجمير، دهلي، آديپور، گانڌيڌام، احمد آباد، ٻڙودا جهڙن شهرن ۾ سنڌي ميڊيم اسڪول کولايا ويا، شام جا ڪلاس پڻ هلڻ لڳا. سنڌيت جي لهر طوفان وانگر اُٿي هئي ۽ ائين لڳو تہ ڀارت ۾ بہ سنڌي ٻولي ۽ تهذيب ضرور وڌندي ۽ ويجهندي، پر زمين جي نہ هئڻ جا ناڪاري اثر وقت گذرندي وڌندڙ ڏسجي رهيا آهن. ڀارت ۾ رهندي سنڌي ڏار ڏار ايراضين ۾ پکڙيل آهن ۽ وکريل هئڻ جو اثر سنڌي تهذيب ۽ ٻوليءَ تي صاف نظر اچي ٿو. ٻوليءَ جو استعمال هر رياست ۾ گهٽجندڙ آهي. سنڌي ميڊيم اسڪول بند ٿي رهيا آهن، سنڌي وشيہ (مضمون) طور جتي پڙهائي ويندي آهي، اُتي بہ شاگردن جو تعداد گهٽو ناهي. گهرن ۾ سنڌيءَ جو واهپو گهٽجي رهيو آهي. سنڌي ادب ڇپجي ٿو، پر ڪتابن جو وڪرو نہ هئڻ جي برابر آهي ۽ پڙهڻ وارا بہ تمام ٿورا آهن. سرڪار ڀاران ٻوليائي حق ڏنل آهن، پر (سنڌيءَ ڪي) الڳ صوبو يا رياست نہ هئڻ ڪري اُنهن حقن جي اهميت ۽ استعمال ٿئي نٿا ٿين. اڄ ڀارت ۾ هر سجاڳ سنڌيءَ کي سنڌي ٻولي، ادب ۽ تهذيب بابت فڪر آهي ۽ اها ڄاڻهن آهي تہ نئين ٽهي سنڌي ٻولي ۽ تهذيب کان دور ٿئي ٿيندي وڃي. اُنهن لاءِ سنڌي سِکڻ جا ڪلاس هلايا ٿا وڃن. سنسڪرتي (ثقافتي) پروگرام رکيا ٿا وڃن، ورڪشاپ سڏايا ٿا وڃن، سوچ ويچار ڪيو ٿو وڃي، پر اِن هوندي بہ گهربل نتيجا نہ ٿا ملن.

## 4. نئين ٽهيءَ جو سنڌي ٻوليءَ طرف رُخ - هڪ اڀياس:

اسين سڀئي ان ڳالهہ تي متفق آهيون تہ ٻار ۽ نوجوان سنڌي نٿا ڳالهائين، اسان جي ٻڌن نہ ٿا، پر اُنهن جي ڳالهہ ٻڌڻ بہ ضروري آهي تہ هو اِن بابت ڇا ٿا سوچين. ان بابت کي انگ اکر گڏ ڪجن تہ خبر پوندي تہ هنن جي گهرن ۾ سنڌيءَ جو ڪيترو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

واهپو آهي، هو پاڻ ٻوليءَ جو استعمال ڪهڙي درجي تي ڪري رهيا آهن، ڪين سنڌي پڙهڻ لکڻ اچي ٿي يا نہ، هو سنڌيءَ ۾ ڪنهن سان ڳالهائين ٿا،جي هو سنڌي نٿا ڳالهائين تہ ٻيون ڪهڙيون ٻوليون وڌيڪ ٿا ڳالهائين، پنهنجي سڃاڻپ طور هو ٻولي ۽ سنسڪرتيءَ جي ڪهڙن پئراميٽرس کي اهم سمجهن ٿا. اهو ڌيان ۾ رکندي، مون آديپور جي پنجن ڪاليجن ۾ هڪ سؤ شاگردن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ هڪ سوال نامو ڀرايو آهي، جنهن بابت هتي وڌيڪ ڄاڻ ڏنل آهي ۽ حاصل نتيجا بہ ڄاڻايل آهن.

## 4.1 اڀياس جو دائرو

ورهاڱي کان پوءِ لڏي آيل سنڌين کي وسائڻ لاءِ اڏيل شهر آديپور، سنڌين جو شهر رهيو آهي، پر هاڻي هتي پارت جون ٻيون ڪيتريون ئي ٻوليون ڳالهائيندڙ بہ رهن ٿا. ان هوندي بہ اسڪول ۽ ڪاليج ۾ سنڌي وشيہ (مضمون) طور پڙهائي ويندي آهي، گهرن ۾ سنڌي ڳالهائي وڃي ٿي،سنڌي ثقافتي پروگرام پڻ ٿين ٿا.

مون شروعاتي اڀياس لاءِ پنهنجو ئي شهر آديپور چونڊيو آهي. هن اڀياس جو دائرو آديپور جي پنجن ڪاليجن: تولاڻي آرٽس ڪاليج، تولاڻي ڪامرس ڪاليج، تولاڻي پاليٽيڪنڪ ڪاليج، تولاڻي انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اسٽڊيز ۽ تولاڻي انسٽيٽيوٽ آف ڪامرس تائين رکيو ويو آهي.

## 4.2 اڀياس جو طريقو

هن اڀياس لاءِ پنجن ئي ڪاليجن ۾ وڃي شاگردن کان سوال نامو ڀرايو ويو ۽ اُنهن سان ڳالهہ ٻولهہ پڻ ڪئي ويئي.

## 4.3 ڄاڻ ڏيندڙ

تولاڻي آرٽس ۽ سائنس ڪاليج، تولاڻي ڪامرس ڪاليج، تولاڻي پاليٽيڪنڪ ڪاليج، تولاڻي انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ اسٽڊيز ۽ تولاڻي اِنسٽيٽيوٽ آف ڪامرس مان ڪل 100 شاگردن کان سوال نامو ڀرايو ويو.

هنن سؤ شاگردن ۾ 32 ڇوڪرا ۽ 68 ڇوڪريون شامل آهن. شاگردن جي چونڊ ڪنهن ترتيب سان نہ، بلڪ (Random) بي ترتيبيءَ سان ڪيل آهي. هنن شاگردن

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي عمر 18 کان 23 سال آهي، جيڪي آرٽس، سائنس، ڪامرس، پاليٽيڪنڪ ۽ مئنيجمينٽ جا شاگرد آهن.

## 4.4 سوال نامو

سوال نامي ذريعي 20 سوال پڇيا ويا ۽ ڪجهه ڄاڻ ماپن ذريعي بہ حاصل ڪئي وئي. سوال نامي ۾ سوال هن آڌار تي ڏنا ويا.

متن مائٽن سان سنڌيءَ جو استعمال، نوجوانن سان سنڌيءَ جو استعمال، گهر ۽ ٻاهر استعمال ٿيندڙ ٻولي، گهر ۾ سنڌي ڪتابن، ڪئسٽن، سي ڊين،مخزنن، اخبارن، ٽيپٽي جي موجودگي، نوجوانن جو سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ ۾ چاهہ، سنڌ بابت ڳالهہ ٻولهہ، ورهاڱي ۽ سنڌي جاتيءَ جي جدوجهد بابت ڄاڻ ۽ پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر جو احساس، سوال نامي ۾ ٻارهن پئراميٽرس ذريعي اهو بہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي وئي تہ نوجوان 'سنڌي سڃاڻپ' طور ڪهڙين ڳالهين کي اهميت ڏين ٿا.

### 4.5.1 متن مائٽن سان سنڌيءَ جو استعمال

گهرن ۾ اڃا بہ گهڻي قدر سنڌي ٻولي ڳالهائجي ٿي. 100 کان 95 شاگردن ٻڌايو تہ سندن ماءُ پيءُ پاڻ ۾ سنڌي ڳالهائيندا آهن. سنڌي لکي پڙهي سگهڻ جي حوالي سان 61 کي ديوناگري، 10 کي عربي سنڌي لپي، 16 کي ديوناگري ۽ سنڌي لپي ايندي آهي. 13 شاگردن جي ماءُ پيءُ کي سنڌي ۾ رڳو ڳالهائڻ ايندو آهي، لکڻ پڙهڻ ڪونہ ايندو آهي. اِهي انهن ٻارن جا ماءُ پيءُ آهن، جيڪي گجراتي ۽ انگريزي ميڊيم اسڪولن ۾ پڙهن ٿا.

### 4.5.2 نوجوانن جو پاڻ ۾ سنڌيءَ جو استعمال ۽ اُن سان لاڳاپو

سروي ۾ نوجوانن کان هيءُ سوال بہ پڇيو ويو تہ ڇا کين سنڌي ڳالهائڻ ايندي آهي، هو ڪنهن سان سنڌي ۾ ڳالهائيندا آهن، هُو ڪهڙن هنڌن تي سنڌيءَ جو استعمال ڪندا آهن، اُنهن کي سنڌي ڳالهائڻ پسند آهي يا نہ، ڇا هو سنڌي پڙهڻ لکڻ ڄاڻن ٿا، جي نٿا ڄاڻن تہ ڇا سکڻ پسند ڪندا؟

مليل جوابن جي آڌار تي هيءَ ڄاڻ ملي تہ 100 مان 83 گهرن ۾ سنڌيءَ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڳالهائجي ٿي، جيڪي گهر ۾ سنڌيءَ ۾ نٿا ڳالهائين، اُنهن کان پڇيو ويو تہ هو سنڌيءَ بدران ڪهڙي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. 17 نوجوانن جواب ڏنو تہ هو گهر ۾ مائٽن سان سنڌيءَ ۾ ڪونہ ڳالهائيندا آهن، هنن جي گهر ۾ هندي ڳالهائي ويندي آهي. 100 مان 85 نوجوانن چيو تہ ڪين سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ وڻندو آهي، جڏهن تہ باقي 15 نوجوانن انڪار ڪيو.

”هو ڪنهن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن“، جواب ۾ ڄاڻ ملي تہ 61 نوجوان پنهنجي ماءُ پيءُ سان، 36 پنهنجي گهر جي بزرگن سان، 23 پنهنجن دوستن سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. 29 نوجوان اهڙا آهن، جيڪي ماءُ پيءُ، بزرگن ۽ دوستن سڀني سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن. نوجوان سنڌيءَ جو استعمال ڪهڙن هنڌن تي ڪندا آهن، ان سوال جي جواب ۾ 90 نوجوانن ٻڌايو تہ هو گهر ۾ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن، 64 نوجوانن جو چوڻ هو تہ هو گهر کان سواءِ ٻاهر، ڪاليج، بزار، بئنڪ، گڏجاڻين ۾ بہ سنڌيءَ ۾ ڳالهائيندا آهن.

100 مان 42 نوجوانن کي سنڌي پڙهڻ لکڻ ايندي آهي ۽ 58 کي نہ، جن 42 کي سنڌي لکڻ اچي ٿي، سي سڀئي ديوناگري لپي ڄاڻن، 10 سنڌي لپي ڄاڻن ٿا ۽ 2 کي ديوناگري ۽ سنڌي، ٻنهي لپين ۾ پڙهڻ لکڻ ايندو آهي، جن کي سنڌي لکڻ پڙهڻ نٿي اچي، اهڙن 58 نوجوانن مان 42 جواب ڏنو تہ هو سنڌي سکڻ پسند ڪندا.

### 4.5.3 روزمره وڌيڪ ڳالهائيندڙ ٻولي

گهرن ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائجي ٿي يا نہ، اهو بہ ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي. اِن بابت مٿي ڄاڻ ڏني ويئي آهي تہ 61 نوجوان پنهنجي ماءُ پيءُ سان، 36 پنهنجي گهر جي بزرگن سان، 23 پنهنجن دوستن سان سنڌي ڳالهائيندا آهن. اهو بہ پڇيو ويو تہ هو پنهنجي روزمره وهنوار ۾ ڪهڙي ٻوليءَ جو استعمال وڌيڪ ڪندا آهن، جنهن جي جواب ۾ ڄاڻ ملي تہ 47 نوجوان هندي4 جو، 9 انگريزيءَ جو، 5 گجراتيءَ جو ۽ 20 سنڌيءَ جو استعمال روزمره جي ڪمن ۾ وڌيڪ ڪندا آهن. ان مان اها پروڙ پوي ٿي تہ گجرات ۾ گجراتي راجيہ ڀاشا (رياستي ٻولي) هوندي بہ اها سنڌي نوجوانن جي لاءِ عام ٻولي ناهي ۽ لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو نوجوان هنديءَ ۾ وڌيڪ ڳالهائين ٿا، اٽڪل 10 سيڪڙو انگريزيءَ ۾ ۽ 20 سيڪڙوسنڌيءَ ۾ وڌيڪ ڳالهائين ٿا:



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**روزمره ڪمن مان هڪ کان وڌيڪ ٻوليءَ جو استعمال**

| ٻوليون | ڳالهائيندڙن جو تعداد |
|---|---|
| هندي-سنڌي | 4 |
| هندي-انگريزي | 4 |
| هندي-گجراتي | 3 |
| هندي-سنڌي-گجراتي | 2 |
| هندي-سنڌي-انگريزي | 3 |
| هندي-سنڌي-گجراتي-انگريزي | 3 |

مٿي ڏنل جدول مان ڄاڻ پوي ٿي ته هڪ کان وڌيڪ ٻولين جو برابر استعمال ڪرڻ وارن جو تعداد 20 سيڪڙو آهي، جن مان 10 سيڪڙو ٻن ٻولين جو استعمال ڪن ٿا ۽ 10 سيڪڙو ٽن ٻولين جو استعمال ڪن ٿا.

### 4.5.4 سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ سان واسطو

گيت، سنگيت، ناٽڪ وغيره نه رڳو آنند ۽ راحت بخشين ٿا، پر ڪنهن به ٻوليءَ ۽ ٻولي ڳالهائيندڙن جي سوچ، سياوَ ۽ ڪلا (فن) طرف اُنهن جي رُجحان کي به ظاهر ڪن ٿا. بيشڪ اهو ٻارن ۽ نوجوانن کان پڇيو ويو ته ڇا هو سنڌي گيت ٻڌندا آهن، تنهن تي 36 نوجوانن 'ها' ۾ ۽ 61 'نه' ۾ جواب ڏنو. 3 وٽان ڪوبه جواب ڪونه مليو. ان ئي سلسلي ۾ اهو ڄاڻڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ته جي اڄ جي نوجوانن کي سنڌي گيت ريمڪس يا ماڊرن ڌنن تي ميسر ڪرائجن، ته ڇا هو ٻڌڻ پسند ڪندا، تنهن تي 51 نوجوانن 'ها' چيو ۽ 74 انڪار ڪيو، جيڪي سنڌي گيت نه ٿا ٻڌن، انهن مان گهڻن ئي رِي مڪس ڪيل سنڌي گيت ٻڌڻ جي پسنديدگي ڪونه ڏيکاري، جيڪي سنڌي گيت ٻڌن ٿا، تن مان گهڻن جو رايو هو ته هو سنڌي گيت اصل طرز تي ئي ٻڌڻ پسند ڪندا.

ڇا هو سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ جا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن، تنهن تي 44 نوجوانن چيو ته هو ڪڏهن ڪڏهن اهڙا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن ۽ لوڪل ٽي وي چئنلن تي به ڏسڻ پسند ڪندا آهن. 56 جو چوڻ هو ته اِن طرح جا پروگرام ڏسڻ ڪونه ويندا آهن. جي اهو ڄاڻجي ته ڇا هو ٻين ٻولين ۾ ٿيندڙ اهڙا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن ته



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شايد اُن جواب مان پتو پوي ٿو سندن پسند ۽ ناپسند جو مدار ٻوليءَ تي آهي ڇا، ۽ ڪلا طرف سندن ڪيترو لاڙو آهي.

### 4.5.5 گھر ۾ سنڌي ڪتابن، ڪئسٽن، سي ڊين، ٽيپڻي وغيره جي موجودگي

ڪنهن به گھر ۾ ڪتابن، ڪئسٽن، سي ڊين، ٽيپڻي وغيره جي موجودگيءَ مان به ان گھر جي ڀاتين جو ٻوليءَ طرف رُخ جاچي سگھجي ٿو. ان بابت ڪيل سوال جي جواب مان خبر پيئي ته 34 جي گھرن ۾ سنڌي ڪتاب، 47 جي گھرن ۾ سنڌي سنگيت جون سي ڊيون، 82 جي گھر ٽيپڻو آهي. 3 جي گھرن ۾ سنڌي اخبار به ايندي آهي. اِها وڏيڪ ڄاڻ به حاصل ٿي.پنجن جي گھرن ۾ اهي سڀيئي شيون آهن ۽ ڇئن جي گھرن ۾ ان مان هڪ به شيءِ نه آهي.

نوجوانن سان ڳالهائيندي ڪن ڳالهين ڌيان ڇڪايو، جيئن گھر ۾ جيڪي سنڌي ڪتاب آهن، سي گھڻو ڪري ڌرمي ڪتاب آهن، جن جي گھر سڀيئي شيون آهن، اُهي اِها ڳالھ ٻڌائيندي ڪجھ وڌيڪ خوشي محسوس ڪري رهيا هئا. هنن جوابن ۾ جيڪا ڄاڻ خاص ڌيان ڇڪائي ٿي، سا آهي گھرن ۾ ٽيپڻي جي موجودگي. لڳ ڀڳ 30 ڪن نوجوانن کي 'ٽيپڻي' جي معنيٰ جي خبر هئي. گھڻن جي شڪل تي هونئن سوال جي نشاني هئي، پر جڏهن کين ٻڌايو ويو ته ٽيپڻو معنيٰ اهو ڪئلينڊر، جنهن ۾ ڏڻ وار، شراڌ، اُماس، چنڊ وغيره جون تاريخون ڏنل هجن ته هنن يڪدم چيو پئي ته ها اهڙو هڪ پيج وارو ڪئلينڊر سندن گھر ۾ آهي. هنن مان پاڻ ڪير به ان ٽيپڻي جو استعمال ڪونه ڪندو آهي، سندن ماءُ اُهو ڏسندي آهي.

### 4.5.6 سنڌ ورهاڱي ۽ سنڌي جاتيءَ جي جدوجهد بابت ڄاڻ

ٻولي پنهنجو پاڻ ۾ مڪمل هئڻ سان گڏ ڪنهن به جاتيءَ جي اتهاس، سڀيتا ۽ سنسڪرتيءَ جو به حصو آهي. سنڌي جاتيءَ جي ڳالھ ڪندي سنڌ، ڀارت جي ورهاڱي جو سنڌي جاتيءَ تي اثر ۽ ڀارت ۾ انهن جي نئين زندگيءَ جي جدوجهد جو ذڪر هميشه ايندو. ورهاڱي کي پنجهٺ کن سال ٿي ويا آهن، اُن وقت جي پيڙهيءَ کان پوءِ اڄوڪي پيڙهي، ٽين پيڙهي آهي. اهو ڄاڻڻ به ضروري آهي ته ڇا سنڌ، نندي ڪنڊ جي ورهاڱي ۽



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌي جاتيءَ جي جدوجهد بابت نوجوانن کي پنهنجن وڏن کان ڪا ڄاڻ ملي آهي يا نہ، ڪين پنهنجي ليکي ڪا ٿوري گهڻي ڄاڻ آهي يا نہ.

100 مان 86 نوجوانن چيو تہ سندن وڏا ساڻن سنڌ بابت ڳالهيون ڪندا آهن. گهڻو ڪري اهي ڳالهيون سندن ڳهرن، سندن رهڻي ڪهڻي، مان مرتبي ۽ شاهوڪاريءَ جون ڳالهيون آهن. ٻن ٽن ٻڌايو تہ سندن سنڌُ واري گهر ۾ سون جون سرون بہ هونديون هيون، جيڪي سندن وڏا ڀارت ۾ ايندي پاڻ سان ڪٺي آيا هئا.

### 4.5.7 سنڌي سڃاڻپ بابت نظريو:

سنڌي ٻوليءَ طرف نئين ٽهيءَ جي لاڙي بابت اپياس ڪندي، اهو ڄاڻڻ بہ مون کي ضروري لڳو تہ نوجوان پنهنجي سڃاڻپ ڇا سان ٿا سمجهن، پاڻ کي سنڌي سڏائيندي هو ڪهڙن آڌارن يا پيرا ميٽرس کي اهميت ڏين ٿا. سنڌي سڏائڻ لاءِ ڇا رڳو سنڌي ذاتن جو هئڻ ڪافي آهي يا سنڌي سڏائڻ لاءِ سنڌي ذات جو هئڻ ضروري ناهي؟ سنڌي ادب پڙهڻ ڪيترو ضروري آهي؟ سنڌي ڏڻَ ملهائڻ ڪيترو ضروري آهي؟ سنڌي ڳالهائڻ سان گڏ ڇا سنڌي لکڻ پڙهڻ بہ ضروري آهي؟ هن حصي ۾ ڪل 12 پيرا ميٽرس ڏنا ويا. نوجوانن کي ٻڌائڻو هو تہ هو ڪهڙي پيرا ميٽر کي اهميت ڏين ٿا ۽ ڪهڙو پيرا ميٽر سندن ويچار موجب سنڌي سڃاڻپ طور ضروري ڪونهي. هيٺ اُهي پيرا ميٽرس ۽ مليل جواب ڏنل آهن:

**سنڌي سڃاڻپ جو ماڻ ۽ نوجوانن جو رايو**

| پيرا ميٽر | اهم آهي | اهم ڪونهي |
|---|---|---|
| 1. سنڌي ڪاڌو پيتو | 75 | 15 |
| 2. سنڌي ڏڻ ملهائڻ | 88 | 12 |
| 3. سنڌي ذاتن جو استعمال | 92 | 8 |
| 4. سنڌي ڪپڙا پائڻ | 30 | 7 |
| 5. سنڌي ريتيون رسمون اپنائڻ | 93 | 7 |
| 6. مائٽن سان ميل ميلاپ رکڻ | 98 | 2 |
| 7. سنڌ سان لڳاءُ/جُڙاءُ رکڻ | 88 | 12 |

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

| | | |
|---|---|---|
| 8. سنڌي ادب پڙهڻ | 56 | 44 |
| 9. سنڌي گيت سنگيت ناٽڪ | 57 | 43 |
| 10. سنڌي ڳالهائڻ | 90 | 10 |
| 11. سنڌي لکڻ پڙهڻ | 66 | 34 |
| 12. سنڌي سماج ۾ اُٿ ويهه | 87 | 13 |

هن حصي جي مليل جوابن جو اڀياس دلچسپ ۽ اهم ٿي سگهي ٿو؟ ڇو جو سنڌي سڃاڻپ طور اسين جن ڳالهين يا ماڻن کي اهميت ڏيون ٿا، ضروري ناهي ته نوجوان به اُن کي اهميت ڏيندا هجن. سندن ڏنل ’ها‘ ۽ ’نه‘ جي جواب مان اها ڄاڻ ملي سگهي ٿي ته هو پنهنجي سڃاڻپ ڇا ۾ ڳولين ۽ ڇا ۾ ٿا سمجهن.

هر جاتيءَ جو پنهنجو خاص طرح جو ڪاڏو پيتو هجي ٿو، جيڪو اُن کي نرالپ ڏئي ٿو. سنڌي ڪاڏو نه رڳو سنڌين ۾ بلڪ غير سنڌين ۾ به چڱو مقبول آهي. 100 مان 85 نوجوانن جو چوڻ هو ته هو سنڌي ڪاڌا پيتا پسند ڪندا آهن ۽ سنڌي سڃاڻپ طور اُن کي اهم سمجهن ٿا. اها ڳالهه سامهون آئي ته سنڌي ڪاڌي پيتي ڪان وڌيڪ ترجيح سنڌي ڏڻ ملهائڻ کي ڏني وڃي ٿي. 100 مان 88 نوجوان زور ڏنو ته اسان کي سنڌي ڏڻ ڌوم ڌام سان ملهائڻ گهرجن. ڪين ڇيٽي چنڊ ۽ ستهن جي ڄاڻ هئي.

هڪ دلچسپ ڳالهه جنهن ڌيان ڇڪايو، سا هئي سنڌي ذاتين جو استعمال، ذات ڪنهن به ماڻهوءَ جي جاتيءَ جي پهرين نشاني آهي، پر 100 مان 8 نوجوانن جي اها سوچ هئي ته سنڌي سڃاڻپ لاءِ سنڌي ذاتين جو هئڻ ضروري ناهي. اڄوڪي ٿهي وڌيڪ ماڊرن ۽ نئين سوچ واري آهي، ان هوندي به سماج جي حصي طور اُها پنهنجين بنيادي ريتن رسمن سان پاڻ کي جوڙي رکڻ چاهي ٿي، اها ڄاڻ ريتين رسمن کي پنهنجائڻ سان واسطيدار مليل جواب مان پيئي. 100 مان 93 سنڌي ريتون رسمون پنهنجائڻ چاهين ٿا، خاص ڪري شادي مرادي، ڇٽي ۽ جٽين جي موقعي تي.

اسين چئون ٿا ته اڄڪلهه وقت ڪنهن کي آهي، هر ماڻهو پنهنجو پاڻ ۾ پورو آهي، ٻين سان گڏجڻ مِسجڻ گهٽجي ويو آهي، پريوار (خاندان) جا رشتا ناتا ڪمزور ٿي رهيا آهن، ان ڏس ۾ به نوجوانن جو رايو اهو آئٽ ڏيڻ وارو آهي ته هو پريوار جي لڳ لاڳاپن ۽ ميل ميلاپ کي اهميت ڏين ٿا. 100 مان 98 چيو ته ’ها‘، مٿن مائٽن سان

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ميل ميلاپ رکڻ پنهنجي سڃاڻپ جو حصو آهي. ان پئراميٽر کي سڀ کان وڌيڪ ووٽ مليا.

سنڌ بابت نوجوانن کي وڌيڪ ڄاڻ ڪانهي. ڪلاس ۾ پڙهائيندي مون ڪيترا ڀيرا اهو محسوس ڪيو آهي ته سنڌ جو ذڪر شاگردن کي ڀاوڪُ (جذباتي) ڪونه بڻائيندو آهي. سنڌي ڪويتائن (شاعريءَ) ۾ سنڌ جي ساراهه ۽ يادگيريون گهٽي عجب ۾ وجهنديون آهن. گهڻن کي سنڌ ۾ پنهنجي ڳوٺ يا شهر جي نالي جي ڄاڻ ڪانهي. سنڌ کي هو پاڪستان سمجهن ٿا ۽ ڪيترن آديپور، گانڌيڌام کي ئي پنهنجو (Native Place) چيو. ان هوندي به ڪين پنهنجي پاڙُن جي ڄاڻ آهي ۽ اڻ سڌيءَ طرح هو سنڌ سان پاڻ کي جوڙِن ٿا. ان سروي مان اها ڳالهه ظاهر ٿي ته 100 مان 88 نوجوان سنڌي سڃاڻپ طور سنڌ سان لڳاءُ ۽ جڙاءُ کي ترجيح ڏين ٿا.

اڄ جڏهن سنڌي ادب ۾ نئين ٿهيءَ جي اديبن جي کوٽ صاف محسوس ڪجي ٿي، نئون پڙهندڙ طبقو نه هئڻ جي برابر آهي ۽ نئين ٿهيءَ کي سنڌي ادب سان جوڙڻ جون ڪوششون ٿيون ڪجن، تڏهن سنڌي سڃاڻپ طور سنڌي ادب پڙهڻ بابت هنن نوجوانن جي جواب مان خبر پوي ٿي ته ان ڳالهه کي لڳ ڀڳ 50 سيڪڙو اهميت ملي آهي. 100 مان 56 جو چوڻ آهي ته، سنڌي سڃاڻپ طور سنڌي ادب پڙهڻ اهم آهي، جيتوڻيڪ انهن مان مشڪل سان ئي ڪنهن ڪو سنڌي ڪتاب پڙهيو هوندو.

سنڌي گيت، سنگيت، ناٽڪ، سنڌي آوازي تهذيب جو اهم حصو آهن. ان دوران سنڌي نوجوانن کي سنڌي ثقافت ۽ ٻوليءَ سان جوڙڻ جون ڪوششون به هر هنڌ ٿي رهيون آهن. جيتوڻيڪ 44 ڄڻن چيو هو ته هو گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ جا پروگرام ڏسڻ ويندا آهن، پر هن سوال جي جواب ۾ 44 ڄڻن جو چوڻ هو ته سنڌي سڃاڻپ طور، هو اهو ضروري نه ٿا سمجهن ته سنڌي گيت، سنگيت، ناٽڪ ڏسجن يا ڪجن. 100 مان لڳ ڀڳ 10کن نوجوانن اسڪول ۾ پڙهندي، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو ڪنهن سنڌي پروگرام ۾ حصو ورتو آهي.

ڪنهن به جاتيءَ جي پهرين سولي سڃاڻپ اُن جي ٻوليءَ سان ئي ٿيندي آهي. مادري زبان ۾ ڳالهائڻ ۽ لکڻ پڙهڻ اُن جو حصو آهي. هن سروي موجب نوجوان سنڌي ڳالهائڻ کي ته سنڌي سڃاڻپ طور اهميت ڏين ٿا، پر لڳ ڀڳ 35 سيڪڙو جو مڃڻ آهي ته سنڌي سڃاڻپ لاءِ سنڌيءَ ۾ ڳالهائڻ ڪافي آهي، سنڌي لکڻ پڙهڻ اچڻ ايترو



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ضروري نہ آهي. 100 مان 90 سنڌي ڳالهائڻ کي اهميت ڏين ٿا ۽ 100 مان 66 سنڌي لکڻ پڙهڻ کي بہ ضروري سمجهن ٿا.

نوجوان ڪٽنبي رشتن ناتن کي ٻڌائي رکڻ کي جيتري اهميت ڏين ٿا، لڳ ڀڳ اوتري ئي اهميت هو سنڌي سماج ۾ اُٿ ويهہ کي، اچ وڃ کي بہ ڏين ٿا. 100 مان 87 جو خيال آهي تہ سنڌي هئڻ طور اسان کي سنڌي سماج سان سنبنڌ رکڻ گهرجي. اهو ڄاڻائي ٿو تہ هر ڪو ماڻهو پنهنجي جاتي ۽ سماج جو حصو بڻجي رهڻ پسند ڪري ٿو.

مليل جوابن موجب هنن پئراميٽرس کي سندس اهميت موجب هيٺين ريت جاچي سگهجي ٿو.

## سنڌي سڃاڻپ جا آڌار ۽ اُنهن جي اهميت

| پئراميٽر | مليل جوابن موجب اهميت |
|---|---|
| مائٽن سان ميل ميلاپ رکڻ | 1 |
| سنڌي ريتون رسمون اپنائڻ | 2 |
| سنڌي ذاتن جو استعمال | 3 |
| سنڌي ڳالهائڻ | 4 |
| سنڌي ڏڻ ملهائڻ | 5 |
| سنڌين سان لڳاءُ/جڙاءُ رکڻ | 5 |
| سنڌي سماج ۾ اُٿ ويهہ | 6 |
| سنڌي کاڌو پيتو | 7 |
| سنڌي لکڻ پڙهڻ | 8 |
| سنڌي گيت، سنگيت ۽ ناٽڪ | 9 |
| سنڌي ساهتيہ (ادب) پڙهڻ | 10 |
| سنڌي ڪپڙا پائڻ | 11 |

### 4.5.8 پنهنجي ٻڻ بنياد بابت ڄاڻ

ڪنهن بہ ماڻهوءَ لاءِ اُن جو وطن، اُن جو ديس تمام گهڻي هميت رکي ٿو. ماڻهو اُن سان سوچ ۽ ڀاونا (جذبي) سان جڙيل هوندو آهي. ان اپياس ۾ اهو سوال بہ پڇيو ويو تہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ ۾ توهان جو ڳوٺ يا شهر ڪهڙو آهي؟ گهٽ ئي جي شڪل تي اِن سوال، سوال جي نشاني آڏي ڇڏي. هُنن چيو تہ اسين تہ هتان جا ئي آهيون. مون جڏهن چيو تہ سو تہ ٺيڪ آهي، پر سنڌ ۾ ڪٿان جا آهيو؟ تہ هو گهري سوچ ۾ پئجي ويا. جڏهن مون پڇيومانِ تہ توهان جا ماءُ پيءُ ڪڏهن ڳالهيون ڪندي ڪنهن شهر يا ڳوٺ جو نالو وٺندا آهن، تہ ڪن اُها خوشي ظاهر ڪئي، جهڙي امتحان ۾ ڪنهن ڏکئي سوال جو جواب ياد اچڻ تي ملندي آهي. ڪنهن چيو تہ اسين پنهنجي گهر فون ڪري پُڇي ٻڌايون؟ مون چيو تہ نہ، ان جي ضرورت ناهي، پر گهر وڃي ان سوال جوجواب ضرور حاصل ڪجو. 100 مان 28 ٻڌائي سگهيا تہ هو سنڌ مان ڪٿان جا آهن. 56 کي ان بابت ڄاڻ ڪانہ هئي. 10 نوجوانن جواب ڏنو تہ اسان کي اها خبر آهي تہ اسان جو ڳوٺ پاڪستان ۾ آهي، اُنهن سوالن ۾ بہ اهو ئي لکيو. ستن (7) لکيو تہ سندن ڳوٺ آديپور گانڌيڌام آهي. انهن جوابن مان خبر پوي ٿي تہ نوجوان 'سنڌ' نالي کان تہ واقف آهن، پر ڪين پنهنجي شهر يا ڳوٺ بابت ڄاڻ ناهي. هندستان ۾ ڄاول سنڌي نوجوان جتي ڄاوا آهن، اُن ئي شهر کي پنهنجو ڳوٺ مڃين ٿا.

هو سنڌي تہ آهن، پر ڪهڙي جاتيءَ جا آهن، اهو سوال بہ سوال نامي ۾ هو. 100 مان لڳ ڀڳ 59 کي پڪي ڄاڻ هئي تہ هو ڪنهن جاتيءَ جا آهن. 16 پنهنجي جاتيءَ کان واقف ڪونہ هئا. 34 ٻيا حوالا ڏيئي ياد ڪري جواب تہ لکيو، پر ڪين ان جي پوري پڪ ڪانہ هئي. اهو ڏيکاري ٿو تہ اڄ پارت ۾ سنڌي جاتي ۾ اُپ-جاتيءَ جو فرق گهٽجي رهيو آهي ۽ اُن کي نوجوان گهٽي اهميت نٿا ڏين، جيتوڻيڪ گهٽن کي اها ڄاڻ هئي تہ شادي مراديءَ وقت اُپ - جاتي (Sub-caste) جي ڳالهہ گهر ۾ ڪئي ويندي آهي.

### 4.5.9 پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر

ڪنهن جاتيءَ جي فرد لاءِ اهو ضروري آهي تہ هو پنهنجي اُن جاتيءَ جو حصو هئڻ تي فخر محسوس ڪندو هجي، ڇو جو سندن من ۾ اهو احساس ناهي تہ هو پاڻ کي جاتيءَ جي سڃاڻپ کان پري ڪندو ويندو ۽ پاڻ کي اُن جاتيءَ جو حصو سڏائڻ ۾ شرم محسوس ڪندو. 'آءِ ايم پرائوڊ ٽُ بي اَئن اِنڊين' (I am proud to be an Indian) سان گڏ 'آءِ ايم پرائوڊ ٽُ بي اي گجراتي' (I am proud to be a Gujrati)، 'اي پنجابي' (A



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

Punjabi) ٻه ٻڌجي ٿو. نوجوانن کي سنڌي ورثي سان جوڙڻ لاءِ ضروري آهي ته اُنهن ۾ پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر جو احساس جاڳائجي. اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته اِن سان جڙيل سوال تي سڀ جا سڀ خوشيءَ سان چئي رهيا هئا ته ها، اسان کي پنهنجي سنڌي هئڻ تي فخر آهي. جي عام جواب اِهو ئي آهي ته اسان کي سمجهڻ پوندو ته اسين هنن نوجوانن کي پنهنجي ورثي کان اهڙي نموني واقف ڪرايون، جو هو نه صرف سنڌي هئڻ تي فخر ڪن، بلڪ سنڌيت کي سنڀالي به رکن ۽ اُن کي اڳتي وڌائين.

## 4.6 آئينده لاءِ رستو

ڪيل اڀياس جي آڌار تي مان اهو سمجهان ٿي ته اڄوڪي نئين ٿهي پل پنهنجي ورثي کان پوريءَ طرح واقف نه هجي، پل ڪي ٿورا نوجوان سنڌي سڏائڻ ۾ هرويرو ڪو وڏيڪ فخر محسوس نه ڪندا هجن؛ سنڌيءَ بدران هندي ۽ ٻين ٻولين جو وڌيڪ استعمال ڪندا هجن؛ ڪين سنڌي پڙهڻ لکڻ نه ايندو هجي؛ اُن جي باوجود هو پنهنجين پاڙُن کي ڄاڻڻ چاهين ٿا؛ اُنهن سان جڙيل رهڻ چاهين ٿا. ان ڪري بجاءِ اُن جي ته انهن جي سامهون سڄو وقت 'سنڌي ۾ ڳالهايو' يا 'سنڌي پڙهڻ لکڻ سکو' جو سائن بورڊ ڪٽي بيهون يا اُنهن کي ڏوهه ڏيون، اسان کي سمجهه سان ٻيا رستا ڳولڻا پوندا، جن سان هو پنهنجي سنڌي سڃاڻپ قائم رکڻ ۽ پنهنجي مادري ٻوليءَ سان به جُڙن.

مادري ٻوليءَ جو احساس دماغ سان نه، پر دل سان جڙيل آهي. اسان کي سندن ذهن ۾ اها ڳالهه وهارڻي پوندي ته هر ڳالهه رڳو 'نفعي نقصان' لاءِ نه ٿيندي آهي. جيئن پيار، دوستي، رشتا اسين خوشيءَ ۽ سڪون لاءِ رکون ٿا، تيئن ئي پنهنجي ٻوليءَ ۽ پنهنجي تهذيب سان لڳاءُ ۽ جڙاءُ به ڀاوناتمڪ (سڀاويڪ/جذباتي) آهي. اُنهن ۾ پنهنجي ٻوليءَ لاءِ احساس جاڳائڻ ضروري آهي.

نئين ٿهيءَ کي سنڌي ٻوليءَ سان جوڙي رکڻ لاءِ ضروري آهي ته سنڌي تهذيب ۽ جيئڻ جي طريقي کي جيئرو رکيو وڃي، ڇو جو سنڌي ٻولي، اُن جو هڪ انگ آهي. ٻولي ۽ تهذيب پاڻ ۾ ڳنڍيل ۽ ڳُتيل آهن. سنڌي ٻوليءَ جي استعمال جا ٻيا دائرا ڳولجن. نوجوان ٿهيءَ جي پسند ۽ لاڙي موجب سنڌي ٻوليءَ ۾ اُهي شيون ميسر ڪرائجن. سنڌي پاپ ۽ سنڌيءَ ۾ بلاڪ اُنهن جا مثال آهن. ٻوليءَ جي استعمال ۾ لچڪپڻو آڻجي. سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ جيڪي پروگرام هلايا وڃن، اُهي نوجوانن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي نظرن ۾ سنڌي جاتيءَ جو مانُ مرتبو وڌائين، ان نموني ٿهيل هئڻ گهرجي. سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرونڪ ٽيڪنالاجيءَ سان جوڙائجي، انٽرنيٽ، اي ميل، سوشل نيٽ ورڪنگ سائيٽس، سنڌيءَ بابت ڄاڻ ڏيندڙ ويب سائيٽس جو اُپيوگ ڪجي. سنڌ، سنڌي ٻولي، ادب، شخصيت، وغيره بابت ڄاڻ پارت جي لڳ ڀڳ هر ٻوليءَ ۾ سنڌي نوجوانن لاءِ ميسر ڪرائجي. جيئن هو پنهنجي املهه سنڌي ورثي بابت ڀرپور ڄاڻي سگهن ۽ اُن جي اهميت سمجهي، اُن سان جڙن.

هيءُ اڀياس تمام ننڍي پيماني تي ڪيل هڪ شروعات آهي. منهنجي ويچار موجب سنڌي غير سرڪاري ۽ سرڪاري ادارا، جي پنهنجي پنهنجي شهر ۾ ان قسم جو سروي ڪرائين ۽ ان نموني ملڪي سطح تي وڏي پيماني تي سروي ڪرايو وڃي ته ڪي هاڪاري نتيجا به نڪري سگهن ٿا، ڪي اهم انگ اکر به گڏ ڪري سگهجن ٿا.

سپ ڪجهه ڇڏي تون آئين، پنهنجي وطن جي خاطر،
ليڪن تو ساڻ آندي، پنهنجي اباڻي ٻولي،
سنڌي اباڻي ٻولي، منڙي اباڻي ٻولي!

Shah Abdul Latif Bhitai Chair